SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر L مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.L OF 1984

زرعي پيداوار مارڪيٽون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

THE AGRICULTURAL PRODUCE MARKETS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1939 جي ايڪٽ V جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Act V of 1939

3. 1939 جي ايڪٽ V جي دفعه 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of Act V of 1939

4. 1939 جي ايڪٽ V جي دفعه 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Act V of 1939

5. 1939 جي ايڪٽ V جي دفعه 24_A جي ترميم

Amendment of Section 24_A of Act V of 1939

سنڌ آرڊيننس نمبر L مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.L OF 1984

زرعي پيداوار مارڪيٽون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984

THE AGRICULTURAL PRODUCE MARKETS (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[10 ڊسمبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي زرعي پيداوار مارڪيٽون ايڪٽ، 1939 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت زرعي پيداوار مارڪيٽون ايڪٽ، 1939 ۾ ڪجهہ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ زرعي پيداوار مارڪيٽون ايڪٽ، 1939 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينئون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي زرعي پيداوار مارڪيٽون (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو. | commencement

2. زرعي پيداوار مارڪيٽون ايڪٽ، 1939 ۾، جنهن کي هن ڪانپوءِ ۾ ڄاڻايل ايڪٽ چيو ويندو، ان جي دفعه 2 ۾، شق (c) ۾ شرطيه بيان هينان پيراگراف ۾، آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو: | 1939 جي ايڪٽ V جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of Act V of 1939

"بشرطيڪ وڌيڪ ته ڊپٽي ڪمشنر کي به حڪم ڏئي نه سگهندو جيستائين متاثر شخص کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو وڃي."

3. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 11 ۾، آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو: | 1939 جي ايڪٽ V جي دفعه 11 جي ترميم

Amendment of Section 11 of Act V of 1939

"بشرطيڪ کي به ميمبر ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانسواءِ نه هٽايو ويندو."

4. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعه 23 ۾، ذيلي دفعه (1) کانپوءِ هيٺيون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو: | 1939 جي ايڪٽ V جي دفعه 23 جي ترميم

Amendment of Section 23 of Act V of 1939

"(1_A) جتي اهڙو کي ڪيس مٿي ڄاڻايل طريقي موجب نوٽيس ڏيڻ يا ڇڏڻ کانسواءِ داخل ڪيو ٿو وڃي يا ٻن مهينن جي ڄاڻايل عرصي گذرڻ کان اڳ يا جتي شڪايت ۾ اهڙو بيان شامل نه هجي ته اهڙو کي نوٽيس اهڙيءَ ريت مليو آهي يا ڇڏيو ويو آهي، شڪايت ڪندڙ ڪيس جي سلسلي ۾

معاهدي جي قيمت ادا نہ ڪئي ويندي يا ڪميٽي، ڪو ميمبر يا ملازم شڪايت ڪندڙ جي دعويٰ ڪيس داخل ڪرڻ جي بن مهينن جي عرصي دوران منظور ڪري ٿو:

بشرطيڪ اهڙي نوٽيس ڪانسواءِ داخل ڪيل ڪنهن ڪيس تي، عدالت ڪميٽي کي لکت بيان جمع ڪرائڻ لاءِ وقت ڏئي سگهي ٿي، جيڪو ٽن مهينن کان گهٽ نہ هوندو."

1939 جي ايڪٽ V جي دفعہ 24_A جي ترميم

Amendment of Section 24_A of Act V of 1939

5. ڄاڻايل ايڪٽ جي دفعہ 24_A جي ذيلي دفعہ (1) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل استاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ ڪو بہ اهڙو قدم نہ کنيو ويندو جيستائين مارڪيٽ ڪميٽي يا ذيلي ڪميٽي جيئن بہ معاملو هجي، انهن کي کنيل قدم خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو نہ ڏنو وڃي."

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.